شيخ طريقت امير اهل سنت دامت برکاتهم العاليه جي ڪتاب
“فيضان” سنت جي هڪ قسط

# ڪاڌي ۾ برڪت حاصل ڪرڻ جا طريقا

(سنڌي)



- ڪاڌي جي ڪهڙي حصي ۾ برڪت آهي؟
- ٿانءُ ڪنهن لاءِ مغفرت جي دعا ڪندو آهي؟
- ڳڙدي جي پٿري ڪيئن نڪتي؟
- گرم ڪاڌا کائڻ جا نقصان

شيخ طريقت امير اهل سنت باني دعوت اسلامي حضرت علامه و مولانا ابو بلال
محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنۡ شَآءَالله جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افۡتَحۡ عَلَيۡنَا حِكۡمَتَكَ وَانۡشُرۡ عَلَيۡنَا رَحۡمَتَكَ يَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِكۡرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفڪربيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)


رسالي جو نالو: **ڪاڏي ۾ برڪت حاصل ڪرڻ جا طريقا**

ڇاپو پهريون: صفر المظفر 1446هه، جولاءِ 2024ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدنی التجا: کنهن کی بہ هی ڪتاب ڇاپڻ جی اجازت ناهی


ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

اَمِيرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ جي ڪتاب”فيضان سُنت“ مان ورتل مواد

# ڪاڌي ۾ برڪت حاصل ڪرڻ جا طريقا

**ترجمو**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# كاڏي ۾ بَرڪت حاصل ڪرڻ جا طريقا[1]

**دعاءِ عطار!** ياربّ المصطفٰي! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”ڪاڏي ۾ برڪت حاصل ڪرڻ جا طريقا“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي ڪاڏي جو احترام ڪرڻ ۽ هميشہ حلال ڪائڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ ان کي والدين سميت بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جنهن مون تي سؤ (100) ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهيو الله پاڪ ان جي ٻنهي اکين جي درميان لکي ڇڏيندو آهي تہ هي نفاق ۽ جهنم جي باهہ کان آزاد آهي ۽ ان کي قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو. (مجمع الزوائد،253/10، حديث 17298)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪِريل ماني کائڻ جي فضيلت

**پيارا اسلامي ڀائرو!** الله پاڪ جي رحمت تمام وڏي آهي بعض اوقات ظاهر ۾ عمل بہ تمام ننڍو هوندو آهي پر ان جي فضيلت تمام گهڻي

[1] هي مضمون ”فيضانِ سُنّت صفحي 267 کان 285 مان ورتو ويو آهي.

هوندي آهي جيئن تہ عبدالله بن اُمّ حَرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مغفرت نشان آهي: ”مانيءَ جو احترام ڪيو جو اهو آسمان ۽ زمين جي برڪتن مان آهي“. (جامع صغير، ص 88، حديث: 1426)

سُبحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪاش! اسان ٿورو شرم ختم ڪيون ۽ دسترخوان تي ڪِريل ماني ۽ چانور جا داڻا ڪڻي ڪائيندا ڪيون ۽ مغفرت جا حقدار بڻجون.

طالبِ مغفرت ہوں یااللہ　　　　بخش دے بہرِ مصطفٰے یارب!

## مانيءَ جي ٽڪرن جي حڪايت

هڪ ڀيرو عبدالله ابن عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا زمين تي مانيءَ جو ٽڪر ڪِريل ڏٺو تہ غلام کي فرمايائون ان کي صاف ڪري رکي ڇڏيو، جڏهن غلام کان شام جو افطار جي وقت اهو ٽڪر گهريائون تہ ان عرض ڪيو ”اهو تہ مون کائي ڇڏيو“ فرمايائون وڃو توهان آزاد آهيو ڇوتہ مون تاجدار مدينہ، راحتِ قلب و سينہ، فيض گنجينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ٻُڌو آهي تہ ”جيڪو مانيءَ جو ڪِريل ٽڪر کڻي ڪري کائي ڇڏيندو آهي تہ ان جي پيٽ ۾ پهچڻ کان پهريان ئي الله پاڪ ان جي مغفرت فرمائي ڇڏيندو آهي.“ هاڻي جيڪو مغفرت جو حقدار تي ويو مان ان کي غلام ڪيئن بڻائي رکان؟ (تنبيہ الغافلين ص 348 حديث 514)

## ديني سوچ

سُبْحٰنَ الله! اسان جي بزرگن جي بہ ڪهڙي ديني سوچ هوندي هئي جو ڪِريل ماني کائي ڪري غلام مغفرت جو حقدار تي ويو تہ آقا بہ ڪيس

پنهنجي غلاميءَ مان آزاد ڪري ڇڏيو، ياربّ مصطفيٰ بطفيلِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي بہ ديني سوچ ۽ سنّتن سان حقيقي محبت عطا فرماءِ ۽ اسان کي بہ توفيق ڏي تہ جڏهن زمين تي مانيءَ جو ٽڪر ڪِريل ڏسون تہ ادب سان کڻي ڪري، چُمي ڪري ۽ صاف ڪري کائڻ جي سعادت حاصل ڪندا ڪريون، يا الٰهي! سنّتن تي عمل جي معاملي ۾ اسان جي هٻڪ ختم ٿي وڃي ۽ اسان جي مغفرت فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

سُنّتوں سے مجھے مَحبَّت دے

میرے مرشِد کا واسِطہ یارب!

## دسترخوان وڌايو!

بزرگن جو معمول اهو آهي تہ ڪاڌي کان فارغ ٿيڻ کانپوءِ هي نہ چوندا آهن تہ ” دسترخوان کڻو “بلڪ چوندا آهن تہ ”دسترخوان وڌايو“ يا ” ڪاڌو وڌايو“ ان ريت چوڻ ۾ دسترخوان وڌڻ ۽ ڪاڌو وڌڻ ۽ برڪت، ڪشادگي ۽ وسعت جي ضمناً دعا هوندي آهي. (سنّي بهشتي زيور ص 566)

## جڏهن مون رسالو ”خوفناڪ اٺ“پڙهيو..........

پيارا اسلامي ڀائرو! ﭘنهي جهانن جون برڪتون حاصل ڪرڻ لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي **ديني ماحول** سان هردم وابستہ رهو، دعوتِ اسلاميءَ جي برڪتن جي تہ ڇا ڳالهہ ڪجي! ڪلڪتہ (هند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو عرض ڪريان ٿو سندن چوڻ آهي، تہ مان سنّتن ڀري زندگي کان تمام پري هڪ فيشن ايبل نوجوان هئس، هڪ رات گهر ڏانهن

ايندي رستي ۾ سبز سبز عمامن جون بهارون نظر آيون، ويجهو ويس ته خبر پئي ته بمبئيءَ ڪان دعوتِ اسلاميءَ وارن عاشقانِ رسول جو مدني قافلو آيل آهي، جنهن سبب هتي سنّتنڀريو اجتماع ٿي رهيو آهي، منهنجي دل ۾ خيال آيو هي ڏکهو سفر ڪري اسان جي شهر ڪلڪته آيا آهن، انهن ڪي ٻُڌڻ گهرجي تنهنڪري مان اجتماع ۾ شريڪ ٿي ويس، آخر ۾ انهن مڪتبة المدينه جا ڇپيل رسالا ورهائڻ شروع ڪيا، خوشقسمتيءَ سان هڪ رسالو منهنجي به هٿ اچي ويو، ان تي لکيل هو "**خوفناڪ اُٺ**" مان گهر اچي ويس، اهو ذهن ٺاهي ڪري رسالو رکي ڇڏيم ته سياڻي پڙهندس پوءِ سمهڻ جي تياري ڪرڻ لڳس، سمهڻ کان اڳ ائين ئي رسالي **خوفناڪ اٺ** جو مون جڏهن ورق اٿلايو ته منهنجي نظر هن عبارت تي پئي "شيطان ڪيڏي به سُستي ڏياري پر هي رسالو ضرور پڙهي وٺو اِنْ شَآءَالله توهان جي اندر مدني انقلاب برپا ٿيندو." هن جملي منهنجي زبردست رهنمائي ڪئي مون سوچيو ته واقعي شيطان مونکي هي رسالو ڪٿي پڙهڻ ڏيندو، سياڻي ڪنهن ڏٺي آهي! نيڪيءَ ۾ دير نه ڪرڻ گهرجي، هن ڪي هاڻي ئي پڙهڻ گهرجي اهو سوچي مون پڙهڻ شروع ڪيو، ان پاڪ پروردگار جو قسم جنهن جي دربار عالي ۾ حاضر ٿي ڪري قيامت جي ڏينهن حساب ڏيڻو پوندو! جڏهن مون رسالو **خوفناڪ اٺ** پڙهيو ته ان ۾ خبيث ڪافرن جي طرف کان سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ٿيندڙ ظلمن جو پُرسوز بيان پڙهي ڪري مان روئي وينس، منهنجي نند ڦٽي وئي ڪافي دير تائين مان روئندو رهيس، راتو رات مون عزم ڪيو ته صبح جو هٿو هٿ **مدني قافلي** ۾ سفر ڪندس جڏهن صبح جو مون والدين جي

خدمت ۾ عرض ڪيو تہ انھن خوشيءَ سان اجازت ڏني ۽ مان تن ڏينھن جي لاءِ عاشقانِ رسول سان گڏ **مدني قافلي** جو مسافر بڻجي ويس، قافلي وارن مونکي بدلائي ڪري ڇا مان ڇا بڻائي ڇڏيو!

اَلحَمدُلله مان نمازي بڻجي واپس موٽيس، سبز عمامي شريف جي تاج سان سرسبز ٿي ويس، جسم مدني لباس سان سينگارجي ويو، منھنجي ماءُ جڏھن مونکي تبديل ٿيل ڏٺو تہ ڏاڍي خوش ٿي ۽ خوب دعائن سان نوازيائين، مٿ مائٽ سڀ مون کان خوش ٿي ويا، اَلحَمدُلله! اڄڪلھ دعوتِ اسلامي جي ھڪ تحصيل مُشاورت جي خادم (نگران) جي حيثيت سان وس آھر سنّتن جون ڌومون مچائڻ جي سعادت حاصل ڪري رھيو آھيان.

عاشقانِ رسول لائے جنّت کے پھول آؤ لینے چلیں قافِلے میں چلو
بھاگتے ہیں کہاں آ بھی جائیں یہاں پائیں گے جنّتیں قافِلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## رسالا ورھايو

پيارا اسلامي ڀائرو! اسلامي ڀائرو! ڏٺو توھان! **دعوتِ اسلامي** جي ديني ماحول ھڪ بي نمازي ماڊرن نوجوان کي ڪٿان ڪان ڪٿي پھچائي ڇڏيو! ھي بہ معلوم ٿيو تہ **مكتبة المدينه** جي طرفان شايع ٿيل **سنّتن ڀريا رسالا** ورھائڻ جا ڪيترائي فائدا آھن، ان ماڊرن نوجوان **خوفناڪ ان** نالي رسالو پڙھيو تہ تڙپي ڪري ھتو ھٿ **مدني قافلي** جو مسافر بڻجي ويو ۽ نيڪين ۾ لڳي ويو، تنھنڪري پنھنجي مائٽن جي

ايصالِ ثواب جي لاءِ عرسن ۽ اجتماعن، شادي غمي جي تقريبن، جنازي ۽ جج ۽ جلوسِ ميلاد ۾ سنّتن ڀريا رسالا ۽ رنگ برنگي مدني گلن جا جدا جدا پمفليٽ مڪتبة المدينه تان هديو ڏئي حاصل ڪري خوب خوب تقسيم ڪريو. شادي ڪاردن ۾ به هڪ هڪ رسالو وجهي ڇڏيو، جيڪڏهن توهان جو ڏنل رسالو يا پمفليٽ پڙهي ڪري ڪنهن جي دل تي اثر ٿي ويو ۽ اهو نمازي ۽ سنّتن جو عادي بڻجي ويو ته اِنْ شَآءَالله توهان جو به ٻنهي جهانن ۾ ٻيڙو پار ٿي ويندو.

ہر مہینے جو کوئی بارہ رسالے بانٹ دے
ان شاءَ اللہ دو جہاں میں اُس کا بیڑا پار ہے

## آڱريون چٽڻ سنت آهي

ضرت عامر بن ربيعه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٽن آڱرين سان ڪاڌو ڪائيندا هئا ۽ جڏهن فارغ ٿيندا هئا ته انهن کي چٽي ڇڏيندا هئا. (مجمع الزوائد ج 5 ص 23 حديث 7923)

## خبرناهي ڪاڌي جي ڪهڙي حصي ۾ برڪت آهي

حضرت جابر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا "تاجدارِ مدينه، قرار قلب و سينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آڱرين ۽ ٿانوَ کي چٽڻ جو حڪم ڏنو ۽ فرمايائون ته توهان کي ڄاڻ ناهي ته ڪاڌي جي ڪهڙي حصي ۾ برڪت آهي." (صحيح مسلم ص 1122 الحديث 2023)

## ڪاڌي جون برڪتون حاصل ڪرڻ جو طريقو

پيارا اسلامي ڀائرو! افسوس صد ڪروڙ افسوس! اڄڪلهه مسلمانن جي کائڻ جو انداز ڏسي ڪري ائين لڳي ٿو ته تمام گهٽ ئي خوشنصيب اهڙا هوندا جيڪي سنّت جي مطابق کاڌو کائيندا هجن ۽ ان جون برڪتون حاصل ڪندا هجن، بيان ڪيل حديث مبارڪ ۾ فرمايو ويو،"توهان کي ڄاڻ ناهي ته کاڌي جي ڪهڙي حصي ۾ برڪت آهي"، تنهن ڪري اسان کي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته کاڌي جو هڪ ذرو به ضايع نه ٿئي، هڏي وغيره کي ايترو چوسڻ ۽ چٽڻ گهرجي جو ان تي ٻوٽيءَ جو ڪو جزو ۽ ڪنهن قسم جا غذائي اثرات باقي نه رهن، ضرورت موجب پليٽ ۾ هڏيءَ کي چنڊبي ڇڏيو ته جيئن ڪو داڻو وغيره اٽڪيل هجي ته ٻاهر اچي وڃي ۽ کائي سگهجي ۽ جيڪڏهن ٿي سگهي ته ڪاڌي ۾ پڪل گرم مصالحا مثال طور ڦوٽا، ڪارا مرچ، لونگ، دالچيني وغيره به کائي ڇڏيو اِنْ شَآءَالله فائدو ئي ٿيندو. جيڪڏهن کائي نه سگهو تڏهن به ڪو گناهه ناهي برياني وغيره مان ثابت ساوا مرچ ڪڍي اڇلائڻ جي بدران ممڪن هجي ته کاڌو شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي انهن کي چوندي ڪري محفوظ ڪري ڇڏيو ۽ آئنده ڪنهن ڪاڌي ۾ پيهي ڪري وجهي ڇڏيو، اڪثر ماڻهو مڇيءَ جي گل به اڇلائي ڇڏيندا آهن ان کي به کائي ڇڏڻ گهرجي، مطلب ته ڪاڌي جي سيني جزن تي غور ڪيو وڃي ۽ ان جي هر نقصان نه ڏيندڙ شيءِ ڪاڌي وڃي، ۽ پڻ آڱريون ۽ ٿانءُ ايترو صاف ڪيو جو ان ۾ ڪاڌي جا جزا باقي نه رهن.

## آڱريون چٽڻ جي ترتيب

حضرت ڪعب بن عُجرہ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا تہ مون سَرورِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي آڱوٺو، شهادت واري ۽ وچين آڱر مبارڪ ملائي ڪري ٽن آڱرين سان ڪائيندي ڏٺو، پوءِ مون ڏٺو تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن کي اُڪهڻ ڪان اڳ ۾ چٽي ڇڏيو، سڀ ڪان پهريان وچين پوءِ شهادت واري ۽ پوءِ آڱوٺو مبارڪ چٽيائون.

(مجمع الزوائد ج 5 ص 29 حديث 7941)

## آڱريون ٽي ڀيرا چٽڻ سنت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! آڱريون ٽي ٽي ڀيرا چٽڻ سنّت آهي جيڪڏهن ٽن ڀيرن جي باوجود آڱرين تي ڪاڏي جا ذرڙا لڳل هجن تہ وري چٽي ڇڏيو ايتري تائين جو ڪاڏي جو اثر نظر نہ اچي. شمائلِ ترمذي ۾ آهي، ٻنهي جهانن جا سلطان، شهنشاهِ ڪون و مڪان صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم (ڪائڻ ڪان بعد) پنهنجون مبارڪ آڱريون ٽي ٽي ڀيرا چٽيندا هئا.

(شمائل ترمذي ص 61 حديث 138)

## ٿانءُ چَٽڻ سنت آهي

سردارِ مڪهءِ مڪرمه،سلطان مدينهءِ منوره صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ برڪت نشان آهي، جيڪو پليٽ ۽ پنهنجي آڱرين کي چٽي ڇڏيندو آهي الله پاڪ ان کي دنيا ۽ آخرت ۾ آسودو (يعني خوشحال) رکندو آهي. (طبراني ڪبير ج 18 ص 261 حديث 653)

## آخر ۾ برڪت گهٽي هوندي آهي

مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو، ”ڪاڌي جي ٿانوَ کي نہ ڪنيو وڃي ايتري تائين جو ڪائڻ وارو ان کي چٽي ڇڏي يا ڪنهن ٻئي کي چٽائي ڇڏي جو، ”ڪاڌي جي آخر ۾ برڪت (گهٽي) هوندي آهي.“ (ڪنز العمال ج 15 ص 111)

## ٿانءُ مغفرت جي دعا ڪندو آهي

حضرت نُبَيْشَہ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ مڪي مدني سرڪار، محبوبِ غفار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، جيڪو ڪائڻ کان پوءِ ٿانوَ کي چٽيندو اهو ٿانءُ ان جي لاءِ اِستِغْفَار ڪندو.“ (ابن ماجه ج 4 ص 14 حديث 3271)

هڪ روايت ۾ هي بہ آهي تہ اهو ٿانءُ چوندو آهي ”اي الله پاڪ! ان کي جهنم کان آزاد ڪر جهڙي ريت ان مون کي شيطان کان ڇوٽڪارو ڏنو. (ڪنزالعمال ج 15 ص 111 حديث 40822)

حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا، ”ياجي لڳل ٿانءُ بنا صاف ڪرڻ جي پيو رهي تہ ان کي شيطان چٽيندو آهي“. (مرآة ج 6 ص 52)

## ٿانوَ چٽڻ جون حڪمتون

حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا. ” ٿانوَ چٽڻ ۾ ڪاڌي جو اَدب آهي، ان کي بربادي کان بچائڻ آهي، ٿانءُ ائين ئي ڇڏي ڏيڻ سان ان تي مکيون ويهنديون آهن، ٿانءُ ۾ لڳل ڪاڌي جا ذرا مَعاذَالله نالين ۽ گندگين ۾ اڇلايا ويندا آهن، جنهن سان ان جي سخت بي ادبي ٿيندي

آهي، جيڪڏهن هڪ وقت ۾ هر شخص ڪجهه داڻا به ٿانوَ ۾ ڇڏي ضايع ڪري ته روزانو ڪيترائي مڻ ڪاڌو برباد ٿي ويندو. مطلب ته ٿانوَ چٽڻ ۾ ڪيتريون ئي حڪمتون آهن". (مرآۃ المناجيح ج 6 ص 38)

## ايمان افروز ارشاد!

سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: "پيالو چٽي ڇڏڻ مونکي ان ڪان وڌيڪ پيارو آهي جو پيالو پري خيرات ڪريان." (يعني چٽڻ ۾ جيئن ته عاجزي آهي تنهنڪري ان جو ثواب ان صدقي جي ثواب ڪان وڌيڪ آهي.)
(ڪنزالعمال ج 15 ص 111 حديث 40821)

مدني آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو،"جيڪو پليٽ ۽ پنهنجون آڱريون چٽي الله پاڪ دنيا ۽ آخرت ۾ ان جو پيٽ پري." (يعني دنيا ۾ تنگدستيءَ ڪان بچي، قيامت جي بُک ڪان محفوظ رهي، دوزخ ڪان پناهه ڏنو وڃي جو دوزخ ۾ ڪنهن جو پيٽ نه پربو)

(طبراني ڪبير ج 18 ص 261 حديث 653)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هڪ غلام آزاد ڪرڻ جو ثواب

حضرت امام محمّد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا، "جيڪو ڪاڌي جو ٿانءُ چٽيندو ۽ ڌوئي ڪري ان جو پاڻي پي ڇڏيندو ان کي هڪ غلام آزاد ڪرڻ جو ثواب ملندو آهي." (احياءُ علوم الدين ج 2 ص7)

## ڌوئي ڪري پيئڻ جو طريقو

پيارا اسلامي ڀائرو! صرف ڪاڌي جي ئي پليٽ کي چٽڻ ڪافي ناهي، جڏهن به ڪنهن پيالي يا گلاس وغيره ۾ چانهه، کير، لسي،

فروٽ جو جوس(Juice) وغيره واپرايو، انهن کي بہ چٽيو ۽ ڌوئي ڪري پي ڇڏيو، اهڙيءَ ريت پاجي يا ڪنهن بہ غذا جو گڏيل وَٽو، ڪڙاهي يا ديڳڙو خالي ٿي چُڪو آهي يا ان ۾ معمولي بہ غذا باقي رهجي وئي آهي تہ ان کي ۽ ڪڏڻ واري چمچي کي بہ ممڪن هجي تہ صاف ڪري ڇڏيو، عام طور تي ديڳن، ديڳڙين ۽ وڏن ٿانوَن جي اندر ڪجھ نہ ڪجھ غذا باقي رهجي ويندي آهي جيڪا ضايع ڪئي ويندي آهي، ائين نہ ٿيڻ گهرجي جيترو ممڪن هجي ان مان غذائي جزا ڪڍي ڇڏيو هڪ داڻو بہ ضايع نہ ٿيڻ ڏيو. هي بہ ٿي سگهي ٿو تہ ان کي ڌوئي ڪري پاڻي جمع ڪري فرج ۾ رکيو وڃي ۽ پچائڻ ۾ استعمال ڪيو وڃي پر اهو سڀ خدا جي توفيق سان ئي ممڪن آهي. هي بہ ياد رهي تہ ٿانوَ يا گلاس وغيره کي چٽڻ يا ڌوئڻ ۾ هي احتياط ضروري آهي تہ ان سان ڪاڌي جا جزا ختم ٿي وڃن، جيڪڏهن ٿانوَ ۾ ڪاڌي جا جُزا لڳل رهيا تہ ان کي ڌوئڻ نہ چئبو، تجربو اهو آهي تہ هڪ ڀيرو ڌوئي ڪري پيئڻ سان عمومًا ٿانءُ صاف ناهي ٿيندو تنهنڪري بہ يا ٽي ڀيرا پاڻي وجهي ڪري چڱيءَ ريت مٿين ڪنارن سميت هر طرف آڱر ڦيرائي ڪري ڌوئي ڪري پيئو تہ بهتر آهي.

## ڌوئي ڪري پيئڻ بعد بچيل قطرا

ڌوئي ڪري پيئڻ کان بعد بہ پليٽ يا پيالي وغيره ۾ ڪجھ قطرا بچي پوندا آهن تنهنڪري آڱر سان جمع ڪري پي ڇڏيو، پاڻي يا مشروب پي ڪري گلاس يا بوتل بظاهر خالي ٿي وڃڻ جي باوجود ڪجھ گهڙين کان پوءِ ڏسندؤ تہ انهن جي پاسن کان لهي ڪري تَري ۾ ڪجھ قطرا جمع ٿي

ڇُڪا هوندا انهن ڪي بہ پي ڇڏيو جو حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ توهان نہ ٿا چاڻو تہ ڪاڏي جي ڪهڙي حصي ۾ برڪت آهي“ ڪاش! اهڙيءَ ريت ڌوئي ڪري پيئڻ نصيب ٿي وڃي جو ڪاڏي جو اهو ٿانءُ لسي جو گلاس يا چانهہ جو پيالو وغيره اهڙو ٿي وڃي جو سڃاڻپ نہ ٿي سگهي تہ ان ۾ هينئر ڪجهہ ڪاڌو يا شربت وغيره پيتو ويو آهي!

## گردي جي پٿري ڪيئن نڪتي

**دعوتِ اسلاميءَ** جي مدني قافلن ۾ سفر جي برڪت سان ڪيترائي مسئلا حل ٿي ويندا آهن ۽ بيشمار بيمارين جو علاج ٿي ويندو آهي جيئن تہ هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهہ هن طرح جو بيان آهي تہ اسان جو 12 ڏينهن جو مدني قافلو بلوچستان کان واپسيءَ تي ڪنهن اسٽيشن تي لٿو، قافلي وارا **انفرادي ڪوشش** ۾ مشغول ٿي ويا، انهيءَ دوران اتي هڪ اسلامي ڀاءُ سان ملاقات ٿي اهو مدني قافلي جون برڪتون حاصل ڪرڻ جو پنهنجو ذاتي تجربو بيان ڪندي چوڻ لڳو گردي جي پٿري جي سبب سخت تڪليف ۾ هئس ڊاڪٽر آپريشن جو چيو هو، ان دوران هڪ اسلامي ڀاءَ مون تي **انفرادي ڪوشش** ڪندي دلاسو ڏنو تہ گهبرايو نہ مدني قافلي ۾ سفر ڪريو سفر ۾ دعا قبول ٿيندي آهي. الله پاڪ توهان جو مسئلو حل فرمائيندو. ان جي محبت ڀرئي انداز دل موهي وڌي ۽ مان **ٽن ڏينهن جي مدني قافلي** جو مسافر بڻجي ويس. اَلحَمدُلله ٽن ڏينهن جي اندر اندر منهنجي پٿري نڪري وئي، مون جڏهن ڊاڪٽر کي ٻُڌايو تہ هو

حيران رهجي ويو ڇوته شايد منهنجي پٽري ان قسم جي هئي جو بغير آپريشن جي ان جو ڊاڪٽرن وٽ علاج نه هو.

گر چہ بیماریاں تنگ کریں پتھریاں پاؤ گے صحتیں قافلے میں چلو
گھر میں ناچاقیاں ہوں یا تنگدستیاں پائیں گے برکتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## گرم کائڻ منع آهي

**حضرت جابر** رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا ته نبي ڪريم رسولِ عظيم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو، ”گرم ڪاڌو ٿڌو ڪري وننڊا ڪريو ڇو ته گرم ڪاڌي ۾ برڪت ناهي هوندي“.

(مستدرڪ للحاڪم ج 4 ص 132 حديث 7125)

## ڪاڌو ڪيترو ٿڌو ڪيو وڃي!

**حضرت جُوَيريه** رَضِیَ اللہُ عَنْہَا کان روايت آهي ته نبيِّ اڪرم، نورِ مجسم، رسولِ محتشم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪاڌي جي ٻاڦ ختم ٿيڻ کان اڳ ۾ ان کي کائڻ ناپسند فرمائيندا هئا. (مجمع الزوائد ج 5 ص 13 حديث 7883)

## گرم ڪاڌي جا نقصان

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪاڌو ٿڌو ڪري کائڻ گهرجي پر هي ضروري ناهي ته ايترو ٿڌو ڪري ڇڏيو جو جمي ڪري بي مزه ٿي وڃي بلڪ ڪجهه ٿڌو ٿيڻ ڏيو جو ٻاڦ نڪرڻ بند ٿي وڃي، حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته ”ڪاڌي جو ٿورو ٿڌو ٿي وڃڻ ۾ ڦوڪن سان ٿڌو نه ڪرڻ برڪت جو ڪارڻ آهي ۽ اهڙيءَ ريت ڪائڻ ۾ تڪليف

بہ ناھي ٿيندي.“ (مراٰة ج 6 ص 52) تيز گرم ڪاڌي يا خوب گرما گرم چانھہ يا ڪافي وغيره پيئڻ سان وات ۽ ڳلي جا چالا، معدي ۾ زخم وغيره ٿيڻ جو انديشو آھي. ويتر مٿان ھڪدم ٿڌو پاڻي پيئڻ سان مھارن ۽ معدي کي نقصان پھچندو آھي.

## ڪاڌي ۾ مک

**ڪائڻ يا پيئڻ جي ڪنھن شيءِ ۾ مک ڪِري پئي تہ ان غذا کي اڇلائي ڇڏڻ اسراف ۽ گناھ آھي، مک کي غوطا ڏئي ڪري ڪڍي ڇڏيو ۽ اھا غذا بنا تڪلف جي استعمال ڪريو. جيئن تہ طبيبن جا طبيب، الله پاڪ جا حبيب، حبيبِ لَبيب** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا تہ ”جڏھن ڪاڌي ۾ مکِ ڪري پئي تہ ان کي غوطا ڏئي ڇڏيو (۽ اڇلائي ڇڏيو) ڇو تہ ان جي ھڪ پر ۾ شفا آھي ۽ ٻئي ۾ بيماري، ڪاڌي ۾ ڪِرڻ وقت پھريان بيماري وارو پر وجھندي آھي تنھنڪري پوري کي ئي غوطا ڏيو“.

(ابوداود شريف ج 3 ص 511 حديث 3844)

## گوشت پَٽي ڪري کائو

**مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ، حضرت عائشہ صديقہ** رَضِيَ اللهُ عَنْهَا **فرمائن ٿيون تہ نبيّ رحمت، شفيعِ اُمّت، شہنشاھِ نُبُوَّت، تاجدارِ رسالت** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آھي تہ ” گوشت کي (ڪائڻ وقت) ڇُري‌ءَ سان نہ ڪٽيو ڇو تہ ھي عجمين جو طريقو آھي ۽ گوشت کي ڏندن سان پٽي کائو ڇو تہ اھو گھڻو لذيذ ۽ خوشگوار آھي.“

(ابوداود شريف ج 3 ص 511 حديث 3844)

جيڪڏهن گوشت جو وڏو ٽڪرو مثال طور پُٺگل ران وغيره هجي تہ ضرورت وقت ڇُري سان ڪٽڻ ۾ حرج ناهي.

## 12 سالن ڪان گم ٿيل ياءُ ملي ويو

پيارا اسلامي ڀائرو! سنّتن جي تربيت جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي مدني قافلن ۾ **عاشقانِ رسول** سان گڏ سفر ڪندا رهو، علمِ دين حاصل ٿيڻ سان گڏو گڏ اِنْ شَآءَالله دنيا جا مسئلا بہ حل ٿيندا رهندا، جيئن تہ دعوتِ اسلامي جو هڪ **مدني قافلو** سبزپور (هري پور، سرحد، پاڪستان) ۾ سنّتن ڀرئي سفر تي هو، ان ۾ هڪ اسلامي ڀاءُ ٻُڌايو تہ منهنجو وڏو ڀاءُ روزگار جي سلسلي ۾ ٻاهرئين ملڪ ويل هو، اڄ 12 سال ٿي ويا آهن سندس ڪا خبر چار ناهي، سندس ٻارن ۽ انهن جي والده جا اَخراجات اسان جي ذمّي آهن ۽ تنگدستيءَ جو عالم آهي، مان **عاشقانِ رسول** سان گڏ سفر ۾ دعا جي نيّت سان مدني قافلي جو مسافر بڻيو آهيان. مدني قافلي جي ختم ٿيڻ جي تقريبًا هڪ هفتي ڪانپوءِ هڪ مدني مشوري ۾ اهو اسلامي ڀاءُ شريڪ ٿيو سندس جذبات ڏسڻ وٽان هئا، روئي روئي ڪري چئي رهيو هو، اَلحَمدُلله مدني قافلي ۾ سفر جي برڪت سان ڪرم ٿي ويو، 12 سالن کان لاپتا ٿي ويل ڀاءُ جي فون آئي ۽ ان اسان ڏانهن هڪ لک 25 هزار رپيا بہ روانا ڪيا آهن.

جو کہ مَفقود ہو وہ بھی موجود ہو ان شاءَاللہ، چلیں قافلے میں چلو
دُور ہوں سارے غم ہو گا ربّ کا کرم غم کے مارے سُنیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعا قبول نہ ٿيڻ ۾ بہ حڪمتون....

اَلحَمدُلله! هن طرح جا ڪيترائي واقعا آهن، جن ۾ قافلن ۾ سفر ڪري دعا گهرڻ وارن جون مُرادون پوريون ٿيون آهن، ڪيترائي اهڙا بہ ملندا، جن جون مُرادون پوريون نہ ٿيون، جيڪڏهن توهان جي دعا جي قبوليّت جا آثار ڪڏهن نظر نہ بہ اچن، تڏهن بہ الله پاڪ جي رضا تي راضي رهو جو ڪيترائي ڀيرا ائين بہ ٿيندو آهي جو اسان جيڪو ڪجهه گُهري رهيا هوندا آهيون، ان جي نہ ملڻ ۾ ئي اسان جي لاءِ بهتري هوندي آهي، جيئن تہ منهنجي آقا، اعليٰ حضرت جا والد گرامي، حضرت علامہ مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **”احسن الوعاء“** ۾ فرمائن ٿا، خدا جي حڪمت آهي جو ڪڏهن تون ناداني جي سبب ڪا شيءِ ان کان گهرندو آهين ۽ هو مهرباني ڪندي تنهنجي دعا کي تنهنجي حق ۾ نقصانڪار هئڻ جي سبب رد ڪري ڇڏيندو آهي مثال طور تون مال ملڪيت جو طلبگار آهين ۽ ان (جي ملي وڃڻ) ۾ تنهنجي ايمان جو خطرو آهي يا تون تندرستي ۽ عافيّت چاهين ٿو ۽ اها خدا جي علم ۾ **(تنهنجي لاءِ)** آخرت جي نقصان جو سبب آهي، اهڙي دعا قبول نہ ٿيڻ ئي تنهنجي لاءِ فائدي مند آهي **(تون هن آيتِ مبارڪ)**

عَسٰۤی اَنۡ تُحِبُّوۡا شَیۡـًٔا وَّ ہُوَ شَرٌّ لَّكُمۡ ؕ

(سيپارو 2 سورة البقره آيت 216)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ عين ممڪن آهي تہ ڪا ڳالهہ اوهان پسند ڪريو ۽ اها اوهان جي حق ۾ خراب هجي.

تي نظر ڪر ۽ ان دعا قبول نہ ٿيڻ تي شڪر ادا ڪر. ڪڏهن دعا جي بدلي ۾ آخرت جو ثواب ڏيڻ منظور هوندو آهي تون دنيا جي ذليل دولت

طلب ڪندو آهين، ۽ پروردگار تنهنجي لاءِ آخرت جون اعليٰ نعمتون گڏ ڪندو آهي، سو اهو شڪر جو مقام آهي نہ ڪي شڪايت جو.

(فضائل دعا، ص 159)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايندڙ هفتي جو رسالو




فیضانِ مدینہ، محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی
UAN +92 21 111 25 26 92   0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net